# سنڌ آرڊيننس نمبر XLVIII مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XLVIII OF 2002
# سنڌ مقامي حڪومت (نائين ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (NINTH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. سنڌ مقامي حڪومت آرڊيننس، 2001 جي دفعه 181_A جي ترميم
Amendment of section 181_A of Sindh Local Government Ordinance, 2001

# سنڌ آرڊيننس نمبر XLVIII مجريہ 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XLVIII OF 2002
# سنڌ مڪاني حڪومت (نائين ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (NINTH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[27 ڊسمبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

**تمهيد (Preamble)**

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

**مختصر عنوان ۽ شروعات**

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (نائين ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

Short title and commencement

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾، دفعہ ـ 181 A لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"ناظمن جو انٽرنل ريڪال. A_181. جيستائين ڪجھ دفعات 24، 63 ۽ 85 جي متضاد نہ هجي تيستائين، 31هين ڊسمبر، 2002 کان اڳ تعلقي ناظم، ٽائون ناظم يا يونين ناظم جي صورت ۾ ۽ 30هين جون 2003 کان اڳ ضلعي ناظم جي صورت ۾ انٽرنل ريڪال جي تحريڪ پيش نہ ڪئي ويندي".

سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 جي دفعہ ـ 181 A جي ترميم

Amendment of section 181_A of Sindh Local Government Ordinance, 2001

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**